# FEDERAL PUBLIC SERVICE COMMISSION
## COMPETITIVE EXAMINATION – 2026 FOR RECRUITMENT TO POSTS IN BS-17 UNDER THE FEDERAL GOVERNMENT

**Roll Number**

## SINDHI

| | |
|---|---|
| **TIME ALLOWED: THREE HOURS** | **(PART-I MCQs) MAXIMUM MARKS: 20** |
| **PART-I (MCQs) :MAXIMUM 30 MINUTES** | **(PART-II) MAXIMUM MARKS: 80** |

**NOTE: (i)** First attempt **PART-I (MCQs)** on separate **OMR Answer Sheet** which shall be taken back after **30 minutes.**
**(ii) Overwriting/cutting of the options/answers will not be given credit.**
**(iii)** There is **no negative** marking. All MCQs must be attempted.

### PART-I (MCQs)(COMPULSORY)

**Q.1. (i)** Select the best option/answer and fill in the appropriate Box ■ on the **OMR Answer Sheet. (20x1=20)**
**(ii)** Answers given anywhere else, other than OMR Answer Sheet, will not be considered.

1. **” اول الله علیم ، اعليٰ عالم جو ڌڻي“، هن بيت جي ٻي سٽ ٻڌايو؟**
(A) والي واحد وحده ، رازق رب رحيم (B) سو سارهه سچو ڌڻي ، چئي حمد حڪيم
(C) قادر پنهنجي قدرت سان، قائم آهي قديم، (D) انهن ٽنهي مان ڪو به نه

2. **” لفظن جي معنيٰ تحريرِ نه پر پڙهندڙ جي ذهن ۾ هوندي آهي.“ هي ادبي راءِ ڪنهن جي چيل آهي؟**
(A) سوئسير (B) لاڪان (C) رولينڊ بارٿس (D) انهن ٽنهي مان ڪو به نه

3. **علم صرفيات ڇا جو علم آهي؟**
(A) آوازن جو علم (B) لفظن جو علم (C) گرامر جو علم (D) انهن ٽنهي مان ڪو به نه

4. **”جهه“ ڪهڙي قسم جو آواز آهي؟**
(A) وسرڳ (B) اوسرڳ (C) سر (D) انهن ٽنهي مان ڪو به نه

5. **خواجه محمد زمان رح تصوف جي ڪهڙي سلسلي جو شاعر هو؟**
(A) قادري (B) سهروردي (C) نقشبندي (D) انهن ٽنهي مان ڪوبه نه

6. **سنڌي ۾ پهريون منظوم قصو ليليٰ مجنون ڪنهن جوڙيو هو؟**
(A) سيد فاضل محمد شاهه (B) ميران محمد شاهه (C) جلال ڪٽي (D) انهن ٽنهين مان ڪوبه نه

7. **دوراهو لوڪ ادب جي ڪهڙي صنف سان تعلق رکي ٿي؟**
(A) پرولي (B) هنر (C) ڏٺ (D) انهين ٽنهين مان ڪوبه نه

8. **” امراڻو“ لوڪ گيت سنڌ جي ڪهڙي حصي سان تعلق رکي ٿو؟**
(A) لاڙ (B) ماجر (C) ٿر (D) انهن مان ڪوبه نه

9. **”آئي ٿانڊو ڪٽڻ ٿي ويٺي ، بورچياڻي“ هن جملي کي ڇا چئبو آهي؟**
(A) ورجيس (B) اصطلاح (C) پهاڪو (D) انهن مان ڪوبه نه

10. **” رات تاريڪ، راهه ٿي باريڪ مور ناتين کي ، نه هو تتين“**
**مٿين سٽن ۾ ڪهڙي تجنيس استعمال ٿيل آهي؟**
(A) تجنيس تام (B) تجنيس خطي (C) تجنيس حرفي (D) انهن ٽنهي مان ڪو به نه

11. **خانبهادر حسن علي آفندي ۽ الهه بخش ابوجهو طرفان 1884ع ۾ هڪ تنظيم ٺاهي وئي ويئي. ان جو نالو ڪهڙو هو؟**
(A) مجمع محمدي (B) سنڌ مدرسه اسلام (C) ايجوڪيشنل ائسوسيئشن (D) انهن ٽنهي مان ڪوبه نه

12. **بحر رمل ۾ ڪهڙو وزن ٿيندو آهي؟**
(A) فاعلاتن (B) فعولن (C) مستفعولن (D) انهن ٽنهي مان ڪو به نه

13. **سراج صاحب ويدڪ سنسڪرت جو دور ڪهڙو ٻڌايو آهي؟**
(A)300 ق م (B) 500 ق م (C) 2500 ق م (D) انهن ٽنهي مان ڪو به نه

14. **” متان ٿئي اونداهه پير نه لهين پرين جو“ مٿئين شاهه جي بيت جي ٻئي سٽ ڪهڙي آهي؟**
(A) راڻا تنهنجي راهه ۾، ڏيهاڙي ڏيڪان. (B) ٻيڙي پراڻي، وکر پاءِ مَ وتري ،
(C) سر سانداڻ ڪري ، پڇج گهر لوهار جو. (D) انهن ٽنهي مان ڪو به نه

15. **” وراچڊ اپرنش “ ڇا آهي؟**
(A) هندن جو ديوتا (B) پراڻي بگڙيل ٻولي (C) ايران جو سڪو (D) انهن ٽنهي مان ڪوبه نه

16. **"اسلم راند ڏسندي گهر موٽيو“ هن جملي ۾ گرامر موجب ڪهڙو اسم استعمال ٿيل آهي؟**
(A)اسم استقبال (B) اسم فاعل (C) اسم حاليه (D) انهن ٽنهي مان ڪوبه نه

17. **” سج اپريو“ هن جملي ۾ ڪهڙو فعل استعمال ٿيل آهي؟**
(A) فعل لازمي (B) فعل متعدي (C) معاون فعل (D) انهن تنهي مان ڪو به نه

18. **پيرومل جي تحقيق موجب سنڌ سرزمين تي سڀ کان پهرئين ڪهڙي نسل جا ماڻهو آيا هئا؟**
(A) دراوڙ (B) آريا (C) ڪول ۽ سنٿال (D) انهن ٽنهي مان ڪو به نه

19. **”سنڌي سنسڪرت مان ڦٽي نڪتل زبان آهي“ هي نظريو ڪنهن جو آهي؟**
(A) پيرومل آڏواڻي (B) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ (C) سراج صاحب (D) انهن ٽنهي مان ڪو به نه

20. **” گهوڙو آهستي ڊوڙي ٿو“ مٿئين جملي ۾ ڪهڙو ظرف استعمال ڪيل آهي.**
(A) ظرف تميز (B) ظرف زمان (C) ظرف مڪان (D) انهن ٽنهي مان ڪو به نه

# PART-II

**NOTE: (i)** **Part-II** is to be attempted on the separate **Answer Book.**
**(ii)** Attempt **ONLY FOUR** questions from **PART-II.** Answer must be written in **respective language** except where specified in the question paper. **ALL** questions carry **EQUAL** marks.
**(iii)** All the parts (if any) of each Question must be attempted at one place instead of at different places.
**(iv)** Write Q. No. in the Answer Book in accordance with Q. No. in the Q.Paper.
**(v)** No Page/Space be left blank between the answers. All the blank pages of Answer Book must be crossed.
**(vi)** Extra attempt of any question or any part of the question will not be considered.

**سوال نمبر2:** شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ رومانوي جماليات تي بيتن جا مثال ڏيئي بحث ڪريو. **(20)**

**سوال نمبر3:** شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سمنڊ جي ذريعي وڻج واپار ۽ سامونڊي ڪنارن جي سماج جو ماحول ۽ نفسيات جي ڪهڙي ريت عڪاسي ٿيل آهي.؟ بيتن مان مثالن ذريعي سمجهايو. **(20)**

**سوال نمبر4:** سنڌي افساني جي جديد شڪل ۽ ترقي پسند نظريي جو عڪس جمال ابڙي جي افسانن ۾ ملي ٿو؟ توهان هن راءِ کي ڪيئن ڏسو ٿا؟ جمال ابڙي جي فن ۽ فڪر تي مٿئين راءِ کي ذهن ۾ رکي بحث ڪريو. **(20)**

**سوال نمبر5:** جديديت پڄاڻان جي تنقيدي نظرين ۾ ڪهڙا لاڙا موجود آهن؟ خاص طور تي فني اصولن جو جائزو وٺو. **(20)**

**سوال نمبر6:** " انگريزن جي دور ۾ سنڌي نثر ترقي ڪئي" هن راءِ تي مختلف ليکڪن جي تحريرن جا مثال ڏيئي بحث ڪريو. **(20)**

**سوال نمبر7:** هيٺين مان ڪن به ٻن شخصيتن جي ادبي خدمتن تي نوٽ لکو. **(20)**
(ا) امر جليل (ب) مرزا قليچ بيگ
(ج) الطاف شيخ (د) محمد اسماعيل عرساڻي

**سوال نمبر8:** **(a) هيٺ ڏنل سنڌيءَ ۾ لکيل پئراگراف جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪريو. (10)**

"ڪنهن به ملڪ جي ٻولي، ان ملڪ جي سماجي، ثقافتي، تهذيبي ۽ تمدني تاريخ جي آئينه دار هوندي آهي. ڪنهن به قوم جي ٻوليءَ جي مطالعي مان، ان قوم جي معاشي ۽ معاشرتي قدرن ۽ نفسياتي ساخت جي خبر پوندي آهي. زبان علم، ادب جي خالق ۽ ادبي روايتن جي محافظ هوندي آهي. هر قوم جي ثقافت جو مرڪزي عنصر ان قوم جي زبان ئي هوندي آهي."

**(b) هيٺ ڏنل انگريزي پيراگراف جو سنڌي ۾ ترجمو ڪريو؟ (10) (20)**

"I am convinced that most disputes could be prevented and solved through synergistic Third alternative communication, "suing" and "the law" should be used as the court of last resort. Not the first. A litigious culture is unhealthy for society, destroys trust and gives terrible modelling."

***********